حق موجود　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　سدا موجود

”مُحمّدي معنيٰ رکيي نالو مَحمدؒ ٻروا ر ٿيو “

بياض سخي سردار محمدؒ فقير گهوٽو

سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

شهنشاه سخي سردار مَحمدؒ فقير صوفي القادري

السروري قلندرؒ

جي شاعري مان چونڊ ڪلام

(درگاه حُسين ٻيلي شريف تعلقو ۽ ضلعو گهوٽڪي)

تحرير : صوفي محمد عارف گهوٽو

sufiarif00@gmail.com



لا الہ الا اللہ محمد رسول اللہ
سدا موجود
حق موجود

صوفي سردار محمود خان

عُرف

حضرت محمدؒ فقير گھوٽو صوفي القادري رحہ



چيف سردار ستار بخش خان گھوٹو

عُرف

فقير شهنشاه صوفي سردار بابا ارشاد علي سائين



مختصر احوالِ زندگي

گھوٽڪيءَ جو گھوٽ
شھنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير گھوٽو

سنڌ ڀلاري ڀُونءِ پنھنجي ڪُک مان اھڙين ھستين کي جنم ڏنو آھي ، جن پنھنجي ڪردار ۽ اشعار ذريعي ھتان جي ماڻھن کي پيار ، محبت ، امن ، انسانيت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آھي، انھن مان اسانجو ھادي رھبر ، گھوٽڪيءَ جو گھوٽ ، سنڌڙي جو سينگار شھنشاه سخي سردار محمدڻ سائين جن پڻ ھڪ آھن. سندن اصل نالو سردار محمود خان گھوٽو ھو. پاڻ سائين جن تعلقي گھوٽڪي جي مشھور ۽ ست صديون پراڻي تاريخي ڳوٺ حُسين ٻيلِي ۾ گھوٽا قبيلي جي سرداري گھراڻي ۾ سردار ستار بخش خان گھوٽو جي گھر 1912ع ۾ تولد ٿيا-ابتدائي تعليم پنھنجي ڳوٺ ۾ ورتائون ، قرآن شريف ۽ عربي فارسي جو علم شڪارپور جي قبا جامي جي مدرسي مان پرايائون. پاڻ اجان ٻارنھن سالن جا ٿيا تہ سندن والد سڳورو وصال ڪري ويو ، انڪري ننڍي عمر ۾ کين سرداري جي پڳ ٻڌائي وئي. پاڻ پنھنجي والد صاحب جا اڪيلا فرزند ھئا .

سنڌ جو مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت صوفي محمد فقير گهوٽو سنڌن سهرو ۽ سڳو ماسات هو. انهن جي صحبت سان پاڻ خاني وارا خيال ختم ڪري فقيري ۽ رندي راه جا راهي ٿيا ۽ سنڌ جي صوفي القادري قلندري سلسلي سان سلهاڙجي شهنشاه سيد قلندر علي شاه وڏائي جي بلند مقام طالب فقير شهنشاه پيرل فقير عباسي جا دست بيعت طالب ٿي قلندري جي مقام تي وڃي پهتا . پاڻ سائين جن درگاه حُسين پيلِي شريف جا گادي نشين ۽ گهوٽا قبيلي جا چيف سردار هئا. ظاهري سردار هوندي باطن جو سيئي منزلون شريعت ، طريقت ۽ حقيقت حاصل ڪري معرفت جا مزا ماڻيائون. شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو جن جو قرآن پاڪ ۽ ڪتابن سان بي انتها چاه هو. سنڌن محبوب مشغلو قرآن پاڪ جو دور ڪرڻ ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ هو. سنڌن پڙهڻ جي رواني تمام تيز هوندي هئي. پاڻ هر روز قرآن پاڪ جو ختم پورو ڪندا هئا. پاڻ فرمايائون ته اسان پنهجي زندگي ۾ قرآن پاڪ جا يارنهن هزار کان مٿي ختم پڙهيا آهن. سنڌن مطالعو ڪيل ڪتابن جو تعداد هزارن ۾ آهي. ڪنهن به ڪتاب مان ڪو حوالو ڏيڻ وقت ڪين ڪتاب جو باب ، پاڱو يا صفحو وغيره به ياد هوندو هُيَن.

پاڻ هڪ ئي وقت عالم، عارف، عابد ، زاهد ، صوفي، سنياسي ، سردار، فقير، طالب، طبيب، شاعر ، مرشد ۽ محبوب هئا. سندن سادگي ، قرب ، پيار ۽ پاڀوهه ڪيترن ئي ماڻهن کي موهي وڌو.سائين جن تمام گهڻا مهمان نواز ، قربدار ۽ ٻاجهاري طبيعت جا مالڪ هئا . سخاوت ۾ ته حاتم به سندن مَٽ نه ٿيندو ، الله جي راه ۾ هزارين ايڪڙ زمين ۽ ملڪيتن جو مڏيون غريبن ، مسڪينن ۽ بيواهن ۾ ورهائي ڇڏيائون. سوالي سندن در تان ڪڏهن به خالي نه ويو . ايتري تائين جو لڳن جو لباس به لاهي انهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا لباس ۾ سلوار قميص ۽ ان جي مٿان گلابي الفي پائيندا هئا . سر مبارڪ تي اڪثر گيڙو ويس ٻڌندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اڇي ، سائي ، بوسڪي ۽ ڪاري دستار مبارڪ پائيندا هئا.سائين جن سير ۽ سياحت جا ڪوڏيا هئا ، پاڻ هِند ۽ سِنڌ جون سيئي درگاهون گهميا. ڪيترائي وڏا عالم، اديب ، عارَف، عوشاق ، اهل الله ، صوفي ۽ شاعر سندن همعصر هئا جن سان سندن روح رهاڻيون ۽ ملاقاتون ٿيون ، انهن ۾ فقير سيد انور علي شاه بخاري ، غمدل فقير دايو ، داتا ولايت شاه جيلاني ، وريل فقير ابڙو ثاني ، مولانا عبدالحي گهوٽو ، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، مولوي سلطان محمود گهوٽو ، علامہ سيد اظهر شاه گيلاني ، مبارڪ شاه جيلاني لوءِ صاحبان وارو ، نماڻو فقير گهوٽو ، دوست علي فقير ڪٽياڻ ، جاڻڻ فقير چن ،صوفي سائين محمد فقير گهوٽو ، فقير سيد حضورڻ سائين ،اعجاز شاه راشدي ، محب فقير ٽالپر ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن .

سائين جن شروع جواني ۾ سياست ۾ حصو ورتو پر بعد ۾ ڇڏي ڏنائون. ڪيترن ئي وڏن سياستدانن ۽ سردارن سان تعلق هُين، جن ۾ پير سائين پاڳارو، ذوالفقار علي ڀٽو، سائين جي ايم سيد ، سردار غلام محمد خان مهر، سردار دادن خان ۽ مير نور محمد خان لُنڊ، سردار علي نواز خان ڏاريجو، سردار سُندر خان سندراڻي، سردار علي مردان خان چاچڙ ۽ ٻيا ڪيترائي اچي وڃن ٿا.

شهنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو جن جي علم، عشق، فيض ۽ ولايت کان متاثر ٿي ڪيترائي ماڻهو سندن عقيدتمند بنجي طالب ٿيا ۽ ڪانئن فيض وٺي صوفياڻي رنگ ۾ رنگجي ريتا ٿيا. سندن شاعري سنڌي، هِندي ، سرائڪي،اردو ۽ فارسي ٻولين تي مشتمل آهي. شاعري جي تقريبا سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿائون. جن ۾ ڪافي، غزل، مولود ، نعت، حمد ، مرثيه، منقبت، مدح ، مثنوي ، رباعي، بيت ، دوهيڙو وغيره شامل آهن.شاعري ۾ حسن، عشق، سولي، هِجر، فيراق، وصال ،موڪي، مجاز، سڪ، سوز ۽ هم اوست جو رنگ نمايان نظر ايندو - شاعري کان سواءِ نثر ۾ سندن تصنيف ٿيل آهي، جن ۾ تصوف جا باريڪ نڪتا ۽ سندن هدايتون لکيل آهن. پاڻ پنهنجي نظم ۽ نثر ۾ الله جي عشق، رسول الله صلعم جي محبت، اهل بيت ۽ اصحاب سڳورن سان پيار، انساني برابري، مذهبي رواداري، سماجي هم آهنگي، ماڻهپي، امن، ايثار، محبت ۽ پيار جو پيغام پهچايو آهي.

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ سائين جن جو وصال مبارڪ 13 فيبروري 1997ع بمطابق 05 شوال 1417 هجري اسُر جي وقت پوڻين چئين بجي ڌاري ٿيو. پاڻ درگاهه ڳوٺ حُسين ٻيلي شريف ۾ سندن ئي طرفان تعمير ڪرايل عاليشان روضي مبارڪ ۾ حضرت صوفي محمد فقير گهوٽو جن جي پرسان آرامي آهن. پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ پنهنجي والد سڳوري جو عرس مبارڪ 21، 22، 23رجب تي هر سال وڏي ڌام ڌام سان ملهائيندا هئا جيڪو هاڻي سندن نالي تي خاص عقيدت ۽ احترام سان خالص صوفيا ڻي رنگ ۾ ملهايو ويندو آهي. جڏهن تہ وصال واري تاريخ 05 ۽ 06شوال تي پڻ يادگار ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي ۽ ساري رات ويراڳي فقير سندن مداحون ۽ ڪلام ڳائي ڪين خراج عقيدت پيش ڪندا آهن. هن وقت سندن فرزند ارجمند چيف سردار ستار بخش خان المعروف فقير شهنشاهه سخي سردار بابا ارشاد علي سائين جن گهوٽا قبيلي جا پڳدار ۽ سندن مسند نشين آهن ۽ هر جمعي جي رات مغرب کان درگاهه پاڪ تي وڏي عقيدت سان محفل مچائيندا آهن. جن ۾ اوري پري کان عقيدتمند اچي روحاني راحت حاصل ڪندا آهن.

خادم الفقراءِ

صوفي محمد عارف گهوٽو

ڪافي 01
نعت شريف هادي هردوجهان حضرت مُحمّد مصطفيٰ ﷺ

سردار سيني ، مَهندار مڙني ، آڌار امت مختيار نبي آ

هيڏن همراه ، وِلهين واه ، نظر نيڪ نگاه ،
شفادار امت اظهار نبي آ

سونهن سَندو سرتاج، پنجن تنن جو پاڄ، خاتون محشر ڏاڄ،
چمڪيدار امت جهلڪيدار نبي آ

يتيمن يار ، غريبن غمخوار ، شاهي شهريار ،
حبدار امت وفادار نبي آ

"محمدڻ" مسڪين ، ڪر تون تَسڪين ، ڏيندو نيٺ درسين،
ذميدار امت لطف دار نبي آ

ڪافي 02

ثنا مولائِ ڪائنات حضرت علي المرتضيٰؑ

سرڪار يا علي ، حقدار يا علي ، سوالي ڪڏهن نہ خالي،
دربار يا علي ، ڏي ديدار يا علي

بعد نبوت والي ولايت ، قائم قيامت تائين امامت،
تنهنجي سخاوت ، تنهنجي عنايت ، دارين سندو مختيار يا علي

هر مشڪل حاضر حامي علي آ، سڀ ڪامل رهبر وارث ولي آ،
اول آخر خَفِي جَلِي آ، وقت ڏُکئي اظهار يا علي

تُنهنجي دران ٽئي سڀ جي پوري، ٻئي در ناهي اهڙي منظوري،
هر ڪامل اڪمل تنهنجي حضوري، تون حاضر هم دم هربار يا علي

تُنهنجي نزاڪت، تنهنجي لُطافت، تنهنجي شجاعت، تنهنجي ڪرامت،
تنهنجي سعادت، تنهنجي شهادت، سڀ صورت سيرت سردار يا علي

فيض فقر جو دَرُ پيي تون آن، هر حالت حيدر صفدر پيي تون آن،
سڀ جو هادي رهبر پيي تون آن، منهنجو اهو اعتبار يا علي

جنهن کي ڏاهين، جنهن کي ٺاهين، کنهن کي پائنئين، کنهن کي لاهين،
کنهن سان هردم حاضر آهين، اهڙا تُنهنجا اسرار يا علي

مالک گنج خزانن جو تون، وارث وسيع جهانن جو تون،
فاضل حديث فرمانن جو تون، تُنهنجي کُل اختيار يا علي

تون حوض کوثر جو ساقي ثابت، يارِ مُحمّد ياقي ثابت،
رَبّ پاک سان هک حق باقي ثابت، قوتِ پروردگار يا علي

تي "محمدڻ" جي وئي پوري مُدعا، مليو شان شاهي تُنهنجي دَرَ جي گدا،
جيکي تووٽ آسپ راهِ خدا، تُنهنجا لائق پانيان لک بار يا علي

ڪافي 03

مرثيو شهيدِ ڪربلا مولا امام حسين عليہ السلام

مونکي ماتم آهي شبيران ،
ڪُٺا ڪربل وچ صغيران .

هليا ساِت لڏائي سونهارا ، ٻَڌي موڙ محب موچارا ،
ڪاهي ڪسٽئون قاف ڪوهيارا، آيا عشقئون شاھ ميران.

ڪَيئِن ڪوفين هدايت ڪائي ، ڄاٽي شان سيد شهنشاهي،
رکي رايو امر الاهي، ڏِنئين جان جسم تيران.

لڳي جنگ جوڏن جباري، ڪَيئون ڪُسندي وارئون واري ،
پوي قهر ڪوفين تي ڦاري، جنهن ماريا مرد مهميران.

ڪيڏو ظلم ظالم ڪرايو، ڪارڻ دنيا ڏين وڃايو،
ڪيڏو سور سيد سهايو، بند پاٽي انُ اميران.

ٿيو ڪيس ڪربل واري وادي، ڪئي ڪوفين پنهنجي خرابي،
لڏي هوت ويا ٿي بربادي ،ڪيو حشر مَلڪن حُوران.

ويا منڙا محب ماهي، ڏيئي سرڙا رکيئون تاج شاهي،
ٿيا مالڪ مُلڪ خدائي، رکي سر اڏيءِ تي پيران.

مردن مام "محمدڻ" موچاري ، ڪوئي ڄاٽي سالڪ ساري،
ڪٽي بار بِرھ جو باري ، ٿيو قيدي شام عابد اسيران.

ڪافي 04

مدح دستگير محبوب سبحاني حضرت عبدالقادر جيلاني رض

اسم الله جسم مُحمّد ، ساڳيو سِر تون دستگير،
جيئي جيئي شاهه جيلاني ، هر مظهر پِيران پِير .

تون حُضور پُر نور صلي الله عليہ وسلم ،
تون ذات ڪِبريا جي وڏائي ۾ ڪامل ڪُل قدير .

اصحاب خلافت امامت ولايت وِلي ،
العُلماء وُرثہ الانبياء خير الوريٰ خبِير .

غوث الاعظم قطب العالم مجدد حقيقت،
اوتاد ابدال اولياءِ منجھ شاهه ميران مِير .

مرشدنا سيدِنا و مولانا منجھ معرفت ،
ڪُنتُ ڪنزا مخفيا جي راز جا عين الله اڪثير .

سخاوت شجاعت ڪرامت عنايت جا اوُل الاَمر ،
رحمت شفقت جا بحر بي نظير.

لمحات شمعات چراغ روشن ،
نُور اعليٰ نُور گوهر دلپذير .

"محمدڻ" عاجز "مِحمدڻ" منگتو "محمدڻ" منگيدان ،
جُود و ڪرم جي ڪمي نہ تو وٽ شاهِ نجف والي وزير.

ڪافي 5
شهنشاهه قلندر شهباز جي ڌمال

شهنشاهه قلندر جلالي جمالي،
ساري سنڌ جا صاحب سوالي نه خالي.

تنهنجي درَ تي جيڪو دِل سان پڪاري، ڪرين ڪم تَنهن جا اَجر سان اُجاري،
تنهنجو درُ علي درُ مِثالي مَشعالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

عوشاقن فقيرن مختيار آهين، اوتادن ابدالن سردار آهين،
ڪسين جنهن کي ڏئين تون ڪلالي ڪمالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

نبي آل تون ئي پنجتن جو پيارو، خدائي خدا ۾ وڏائيءَ وارو،
صفت ذات واحد وصالي وصالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

هر ڪنهن حال حامي همراز همدم، مصيبت مهل ۾ حاضر تون آن هڪدم،
ڪرين حل هميشہ مشڪل موالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

سڀ جو تون مولا حُسن جي حقيقت، مطلوب طالب تنهنجي آ طريقت،
هر ڪنهن هِردي افعالي اعمالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

تون پير طريقت خدا جو قسم آ، مشرق ۽ مغرب تنهنجو قدم آ،
مَجِن توکي سڀ تا جنوبي شمالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

اويسي ارواحي تنهنجي ولايت، لطيفي رحيمي "مَحمدؐ" عنايت،
روحي راز تنهنجو مجِن تا خيالي، شهنشاهه قلندر جلالي جمالي.

ڪافي 06

انسان سبحان اعظم شان،
چُوني بيچُوني انسان اعليٰ

ڪٿي آدم شيث اظهار ٿيا-ڪٿي هابيل قابيل تڪرار ٿيا
ڪاٿي نوح نبي عاد نروار ٿيا-بيرنگي رنگوني انسان اعليٰ

ڪاٿي دائود دهشت سليمان ٿيا-ڪٿي موسيٰ ٻہ عيسيٰ عمران ٿيا
ڪٿي ابراهيم آذر نيشان ٿيا-دروني بيروني انسان اعليٰ

ڪٿي ادريس الياس آثار ٿيا-ڪٿي يعقوب يوسف دلدار ٿيا
ڪٿي اسماعيل اسحاق ذبح دار ٿيا-خوني صيهوني انسان اعليٰ

ڪٿي افلاطون، طاليس، لقمان ٿيا-ڪٿي بهرام، باقا، خاقان ٿيا
ڪٿي سڪندر، دارا، شاهان ٿيا-گُوني بگوني انسان اعليٰ

ڪٿي نمرود، شداد، فرعون ٿيا-ڪٿي بلقيس، بهلول، هارون ٿيا
ڪاٿي حاتم، هامان، قارون ٿيا-ديني بيديني انسان اعليٰ

ڪٿي عبداللّٰه احمّد ختم النبي-ڪٿي حَسن، حُسين و خاتون علي
ڪٿي اصحاب القاب عبد النبي-نگيني نگوني انسان اعليٰ

ڪٿي رهبر هادي رحمان ٿيا-ڪٿي معشوق، عاشق پريشان ٿيا
ڪٿي سائين خادم حُڪمان ٿيا-نموني نموني انسان اعليٰ

ڪٿي موسيٰ مدهوش ڪوه طور ٿيا-ڪٿي سولي سَربَر منصور ٿيا
ڪٿي مذهب مُلن مذڪور ٿيا-ناحقوني حقوني انسان اعليٰ

ڪٿي مائٽ دوست برادر ٿيا-ڪٿي مُدعي مُدعا شران شِر ٿيا
ڪٿي حاڪم حڪمت سراسر ٿيا-دُوني يڪوني انسان اعليٰ

ڪٿي موج "محمدڻ" مسرور ٿيا-ڪٿي راز پوشي مشڪور ٿيا
جِت ڪِٿ هر رنگ حضور ٿيا-باطوني ظهوني انسان اعليٰ .

ڪافي 07

صورت صاف مجاز ، حُسن عبادت عشق وارن جي .

درد هجر جو دَور سدائين - آهي بِره اڏائڻ باز

عام خلق کي ڪل نہ ڪائي - اهو رِند پروڙين راز

قلب حضوري دائم سدائين - دولھ دوست دراز

ڪثرت پردي راز حقيقي - آهي حج طوافي نماز

”محمدڻ“ مائل موج اِنهيءَ ۾ - سدا دلبر سندوئي ناز

ڪافي 08

يار ميثاقي رنگ ۾ آيو ؛ جوڙ ڪري جنسار سهڻو

ڪاٿي بَردو بڻجي وڪاميو ؛ مصر منجھ بازار سهڻو

رانجھن ۾ آيو ونجھلي وڄائيندو ؛ چڙهي تخت هزار سهڻو

سُهڻيءَ ڪي وڃي سيرِ ٻوڙايَنئِن ؛ مينهنِ جو ميهار سهڻو

سَسُئيءَ ۾ سوين سُور پِرايَنئِن ؛ پنهل لاءِ پيار سهڻو

ليلا خاطر مجنون مستانو؛ ڪري وِره سندو وسڪار سهڻو

رڪيائين راز يهودِڻ کهڙو ؛ صُنعان جهڙو سالار سهڻو

منجھ منصور ۾ ظاهر ٿِيَڙو ؛ ڪاٿي مُلن تڪرار سهڻو

ڪاٿي عيش خوشين ۾ دلبر ؛ ڪاٿي عشق آزار سهڻو

ڪاٿي يتيمي يار گذاري ؛ ڪاٿي باغ بهار سهڻو

ڪاٿي عربي حضرت هادي ؛ دونون جهان مختيار سهڻو

حال فقير ۾ ثابت ٽِيَڙو ؛ صوفي سِر سَردار سهٽو

ماهِ لقا محبوب منور ؛ بٽيو صورت جو اسرار سهٽو

سِر صوفيءَ جو نيزي نسريو ؛ اهو عشق سَندو اقرار سهٽو

دام ديدن ۾ دلبر آيو ؛ گلشن گل گلزار سهٽو

چشمن چالي چوٽ چڙهايس ؛ نيزي ٽيو نراور سهٽو

محبت "محمدڻ" هنڙي آندو ؛ بِره جو چائي بار سهٽو

ڪافي 09

هَلِي آءُ هيرَڪَ حُسن جي هَٽيءَ تي ،
پيءُ پاڪ پيالو محبوبي مَٽيءَ تي .

جدا ڪِينَ جاڙج - پنهنجو سر سڄاڙج ،
مچي موجان ماڙج ، وصالي وَٽيءَ تي .

قادر تي ڪپائج - پيدا ڪِيَلُ پَسائج ،
ايئن وِره وسائج ، ساقيءَ جي سَٽيءَ تي .

ٽيونجاه ٽاٽي - چاليهن جي ماٽِي ،
اِها طلب ٽاٽي - ڪُڏي آءُ ڪَٽيءَ تي .

اِنهيءَ لاري آئين - سوين سور سَهائين ،
ڪهڙو غير پائين - جهلڪيدار جهَٽيءَ تي.

"محمدڻ" مثالي - واقف تي وصالِي ،
رکي رمز رِسالِي - آئين پاڻ پَٽيءَ تي.

ڪافي 10

سالڪ سُجاڻِين ، سالڪ سُجاڻِين ،
سالڪ سُجاڻين صفات.

هُوَ الاَوَل، هُوَالآخر ، هُوَالباطن، هُوَالظاهر،
نُور سارو تجلات.

هِردي اندر ڪير ٿو ٻولي ، راز رموزي عبدي اولي،
فرق ڪهڙو منجهه ذات.

نينان نرواري ، اوج اسراري ،
حُسن سارو اثبات.

پاڻ پوڄاگر پاڻ پوڄاري ، بازي بازيگر جوڙي ساري،
"محمدڻ" ڪرين تسلات.

ڪافي 11

صورت ۾ آ سَير سمورو، ذوق رکي ڏِس ذاتي وو يار.

رِند پروڙن راز اِنهيءَ کي،
مَردن مام سڃاتي وو يار.

منصوريءَ جي مستيءَ ڌاران،
ڪين ٿئي اثباتي وو يار.

پوندي قبول تڏهن اي عاشق،
هڻ هُئڻ کي لا جي ڪاتي وو يار.

قول ۾ رهه تون "محمدؐ" قرارو،
ڇو ٿو ٿئين هر ڌاتي وو يار.

ڪافي 12

ٿي نہ عاشق پيِر - شيخي پيريءَ ڪئون برِہ بيزاري

ڪٽي ملامت مٿي منصوري - فالمِ ٿيءُ تہ فقيِر

سر ڪفر جي فتويٰ وسائج - ثابت رکي پنهنجو سيِر

پاڙهئي عشق ڪندو اثباتي - چڙ هنر حيلا ويِر

جو ڪجھ آهين سوئي "محمدڻ" - آهين مُلڪ ساري جو امير.

ڪافي 13

هن جو هجڻ حجاب آهي ، جيئن ابر مٿئون آفتاب آهي ،

ايئن ڪيئن ٿيندي روشنائي ،
مٿان جسم سندوئي گرداب آهي .

ذاتي ظهورو ايئن نا ٿيندو ،
جڏهن تون مان سندوئي تاب آهي .

پئہ پڌر نڪري حجابئون ،
اهو خاصن ڪي تہ خطاب آهي .

وهم چڏي سيِ تيءُ وصالي ،
پوءِ مُک محبوبي مهتاب آهي .

باقي "محمدؐ" برسر بحالي ،
شائقن اهو شتاب آهي .

ڪافي 14

سُهڻن جي صفت ۾ ، اللّه پاڻ آيو ،
صورت ۾ سمايو ، لاهوتي لاثان .

پائي خرقعو خاڪي ، اچي ٿيو اوطاقي ،
ڪاٿي ٿيو عوشاقي ، محبت ۾ مستان .

حُسن جي سرداري ، ازل جو اقراري ،
ديدن جو درٻاري ، ديداري دُڪان.

بشر ۾ مثالي ، حقيقت وصالي ،
جلالي جمالي ، نُوري ٿيو نيشان .

آيو سِر سينگاري ، نينهن جي نظاري ،
عاشق ٿي اوتاري ، مچايئِن مئخان .

آيو سِر سجاڻڻ ، پنهنجو پاڻ جاڻڻ ،
نڪوئي غير آڻڻ ، بشر جو ٻَهان .

خاطر عشق اولو ، پائي ميم چولو ،
رکي پاڻ اولو ، ملهايئين ميدان .

"محمدڻ" اداسي ، پيارل پياسي ،
ڪيو سڪ سناسي ، صورت لئ سيلان .

ڪافي 15

دل جو ڪتاب ڪافي ، عاشق جي آ ڏسڻ لئہ ،
مظهر سڄو سمايل ، آ پاڻ کي پَسڻ لئہ .

ڪرسي ۽ لوح جو آ ، نقش و نگار ناظر ،
مستور ٿيو ظهور آ ، ان راند جي رَسڻ لئہ .

سِر ۽ جبين ثابت ، اظهر عُروج آِهي ،
فارغ فڪر فنا ٿيو ، گُن گيان جي گسڻ لئہ .

مخمور و مست آهيان ، خوبن جو خيال دل ۾ ،
وسڪارو مئي جو آهي ، آئي آ رُت وسڻ لئہ .

سِر تي ٿئي سِر جو ، سودو صحيح سراسر ،
منهنجو مُطالعو آهي ، اي "محمدڻ" ڪُسڻ لئہ .

ڪافي 16

سِرُ حقيقي اُهوئي آهين ، باقي پيٽڪڻ بيڪار ڏوليا

گوندر گوشي غازي گذارج ،
پاڙهي عشق ڪندءِ اظهار ڏوليا .

جو تو پنهنجو پاڻ کي رولين ،
اتئہ پاڻ ۾ پنهنجو ديدار ڏوليا .

هَتئون همت کي جو تو لاهين،
ناحق نہ ٿي نادار ڏوليا .

موج مَنجهيئي من ۾ مچائج،
ڪر نينهن ايئن نروار ڏوليا .

منجه مئخاني "محمدڻ" سائين،
صوفي ٿي سردار ڏوليا .

ڪافي 17

مرحبا ، مرحبا ، مرحبا ، مرحبا

جڏهن محب آيو دل شاد ٿي،
تڏهن گهر ويراني مان آباد ٿي،
مونکي سک سچيءَ مان هي امداد ٿي،
مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

منهنجي درد ڏکن جو ويلهو ويو،
سدائين سکن جو سهيلو ٿيو،
مونسان قدرت قسمت ميلو ڪيو،
مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

جڏهن يار جانيءَ جو جلوان ٿيو،
تڏهن اڱڻ سارو شمعدان ٿيو،
مونسان محب منو مهران ٿيو،
مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

اِنهيءَ عشق الهوت جي آشنائي ٿي،
منهنجي سوِدل سهڻي جي شنوائي ٿي،
”محمدڻ“ خوشيءَ جي دلرُبائي ٿي،
مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

ڪافي 18

سدا وسرن ڪين اباڻا ، مونکي ميلِ عمر مارو من جا .

روز نهاريان واٽون تن جون ،
منهنجا نيڻ روئن ٿا نماڻا .

پلپل پور پَون ٿا تن جا ،
مونکي سورن ساٿ ساماڻا .

ڪين اچي ٿو قرار ڪوٺن ۾ ،
مان تہ واريون ٿي ڀانيان وچاڻا .

ماندي تن لئہ ڏاڍي آهيان،
شال ملندا ساھ سيباڻا ،

”محمدڻ“ سان اهي ملندا ڪڏهين ،
جن جا ٿاڪ ٿرن تي ٿاڻا .

ڪافي 19

سُهڻل ڪر نہ ماڻا ، پرديسيءَ کي پيار ڏي ،
سک منجهارئون سهڻا سائين عاشق کي ديدار ڏي،

ديس ڇڏي پرديس تي آيس تنهنجي ڪري مجبور ٿي،
خلق سڀي جون خواريون سِرَ تي مون ڪنيون منظور ٿي،
ليڪي وري ڪِين ٿو ليڪين اهڙا نہ آزار ڏي.

دل ڦُري وري ڪين ڏسين ٿو اهو مونکي ارمان آ،
هيءُ ويچارو بيوس ٿي تنهنجي قدمن تان قربان آ،
ڏارين تو ڙي ڌِڪارين دلبر اهو اصل اقرار ڏي.

تنهنجي ملڻ جي راتيان ڏينهان اِهائي مونکي آس آ
تنهنجي هٿان اي پرين پيارا پيالي پيئڻ جي پياس آ
پُر ڪري پئمانو پيارا ڪٽي مونکي نروار ڏي.

ماڻهو چَون "محمدڻ" الائي ڇو ٿيو مستان آ ،
تو هنيو هو تير نظر جو سو ٿيو نيشان آ ،
پانيان عنايت سڀ ڪجھ توڏانهن پنهنجو ئي تون پيار ڏي.

ڪافي 20

مار نہ ماٽا ڪري ڪري ،
دلبر مونکي ذري ذري .

چاھ مئون ڇُوڇي ڇڏي ٿي ڏيئي،
سوچ ۽ سمجھ سموري ويئي،
مشڪل ۾ آ ڪايا پيئي،
باھ ٻِرھ جي ٻري ٻري.

سِاقي آھين سِمجھي سگھين ٿو،
اُڄَ جو عالم ڏِسي سگھين ٿو،
جوش سخا جو رکي سگھين ٿو،
جام ڏي ھٿ سان ڀري ڀري.

"محمدڻ" سان تو قول ڪيا ھا،
کھڙا کھڙا ٻول ٻَڌا ھا ،
وصل جا واعدا پاڻ ڏِنا ھا،
ھاٽي گھارين ڀَري ڀري.

ڪافي21

مسجود ٿي ملائڪن ، انسان ٿي آيو ،
ٻانهپ واري ٻولن ٻَدل ، قربان ٿي آيو .

عاشق ازل ۾ ٿي ڪري ، امر جو اقراري آ ،
محبوب لئہ هِت منتظر ، مستان ٿي آيو .

هُتڙي اڪيلائي ۾ هيو ، هِت وڏي ڪثرت ويس ،
ٻيڪ بشري ٻول ۾ ، سلطان ٿي آيو .

ڪاٿي وڃي وهمن پيو ، ڪاٿي مُلن مذهب ٿيو،
سورهيہ سولي مٿي ، سبحان ٿي آيو .

هِن زماني ۾ سُهڻل جا ، ڪيل ۽ رانديون سَوين ،
سني ڪٿي شيعو بڻيو ، سئلان ٿي آيو .

مُحمّد رسول الله ٿي ، ماڻهو لکين مُطيع ڪِينئِن،
مناسبت محبوبيت ، محبان ٿي آيو.

فقر فقيري پوش ۾ ، سردار دوعالَم سَندو ،
ٿيو طالبن لئہ رهنما ، فرمان ٿي آيو.

دَستِ خدا نامِ علي، ياور يَدُ الله لقب ،
حاضر حضوري دم بدم، عرفان ٿي آيو.

حُسينيت جي حال ۾ ، شُهداءِ شاهد شوق مئون ،
اثبات اِلا الله سان ، پروان ٿي آيو.

"محمدڻ" قلندر قرب ۾ ، پيرل پرين پڳدار آ ،
مظهر سارو موجود حق ، من جان ٿي آيو.

ڪافي 22

هِتڙي جنهن سڃاتو - هُت بي ديدار ٿيندو،
هِتڙي نہ جنهن سڃاتو - هُت بي انڪار ٿيندو.

جهڙي خيال جيئندين - هُت بي اوئين تون ٿيندين،
سيئي حساب ڏيندين - باطن اظهار ٿيندو.

سِرَ ڪي آهي سڃاڻڻ - پنهنجو پاڻ ڪي ئي جاڻڻ،
قطرو نہ غير آڻڻ - فعلن مختيار ٿيندو.

آ دم سندوئي اولو - وهمن وِڏو آ رولو،
پائي بشر جو چولو - ثابت سردار ٿيندو.

صورت جو سانگ ٿا هي - ڪثرت بازي بنائي،
انسان مخزن آهي - اهڙو اقرار ٿيندو،

"محمدڻ" سڃاڻج معنيٰ - سا جند جان آهي جانا،
آباد ڪر آستانا - اصلي اسرار ٿيندو.

ڪافي 23

خبر نہ پوي ٿي ڇا آهيان ڇا آهيان،
محب چوي ٿو، ڇئُہ مان الله.

من ۾ دوست مست مدامي،
ريءَ پنهنجي پيو نا هي ويسا هہ.

هڪ هستيءَ ۾ ٻي ڪائي نہ هستي،
آهيان پير ڪامل اِلا الله.

هڪ وجود ۾ ٻہ نہ سمائجن،
سُڻ سائين جي هيءَ تہ صلاح.

بيخودي ڪيو خود جي مانڪي،
آهي منصوري مان مباح.

ڪفر اڄي مون قائم ڪيڙو،
بيشڪ آهيان بقابِالله.

مستي "محمدڻ" من تي غالب،
جاڳيو جذبو جوش جلال الله.

ڪافي 24

اصل آهيان اُهوئي الله ، بُرقعو پائي پيد پُلايم

هر ڪنهن خرقي راز نرالو ، ڪري ڪثرت وارو ڪَلاءِ
سڀ ڪنهن سان ڳجهو راز رَلايم

پنهنجي ڏسڻ جي خاطر هنڙي ، ڪَيم عشق سندوئي اپاءِ
موج انهيءَ ۾ ميم ملايم

ازخود مستي اظهار جي ڪَيَڙو ، ٻي نہ سُجهي ڪائي واه
پوءِ راز رکي وري سرڙو سلهايم

هن صورت جي سانگ سيهي ۾ ، وري شوق ڪيو شهنشاه
موج منصوري ميدان ملهايم

سر "محمدڻ" ساڳيوئي آهيان ، پر امر جو آڙاه
جان جسم ڪي هنڙي جلايم.

ڪافي 25 (هندي)

ڪرنا ڪيا تيرا اس جڳ ۾ ، ڪر ساڌُو سفر سانبا هي ري ،
يہ جڳ سارا کيل جادوگر، ڇوڙ تمنا تبا هي ري.

ڪون ڪتي يہ ڪون هارائي-اپني پاڳ دا جهول جُهلائي ،
جهڙڦڙ دي هر باد برسائي-تم لهرين لهر دريا هي ري.

جنم جين ڪا دن سينگاريا- هر گهر تي ڳيا شُغل شغارا،
دو دِن رهنا جڳ وچ سارا-اور ڪرنا ڪوچ ڪُلا هي ري.

ماتا پدر ڪونسي پائي - هر ايڪ اپني سر تي ڪائي ،
رام گرو ڪِي ٽيسِي پلائي-انتو انت آگا هي ري.

ڪيوين مورک مِحل بنايا - اپني پيد ڪا پول پُلايا ،
اڇٽي وچٽي ڏُوتي مايا-آوڻ اندر اوندا هي ري.

ڪام ڪروڌ لوڀ اهنڪاري- موه "محمدڻ" ڪَر سِي واري ،
ڪرلي سودا وڻج واپاري- وچٽا ديس سگهائي ري.

کافی 26 (اردو)

قلب بیقرار تھا ، عالَم رُویا آشکار تھا،
چشم نرگس محبوب سے، جلوہ حُسن جھلکار تھا۔

مدھوش ھم ھوئا ھوں، مجنوں جیسا پریشاں،
ایسا شراب پلایا ، مستی خمر خمار تھا۔

ایک نظر محبوب سے، منصور جیسا حال ھم،
سولی پہ سر چڑھانا ، کوئی نہ مجھ سے عار تھا۔

رازو نہاں افشاں تھے، چُھٹ گئی عقل کی حالت،
غائب جسم حُباب سے ، روح خود اظھار تھا۔

عطار کھتا ھے بے خودی سے ، نعرہ مَن خُدایم،
وہ بھی کوئی حال ھے، ایسا مجھے نروار تھا۔

بشری کے بھید میں "محمدن" رکھنا حفظ مراتب ،
بے ھوش کب ھوئا ھوں، گاھے کبھی ھوشیار تھا۔

ڪافي 27

قاضي پڙهن ٿا ڪَوڙين ڪتابان ، حرف نہ ڄاتئون هِڪڙو ،
عبدي معبودي جي ليکي ۾ ، نہ يار سُڃاتئون هِڪڙو.

نفل نمازان زُهد ۽ تقويٰ ، خام پڙهن ٿا خطبا ،
اِها عبادت اونڌي ڇئبي ، جي نينهن نہ لاتئون هِڪڙو .

ڪَنز قدوري ڪافيا ڪيئي ، روز ڪَرِن ٿا مطالعو ،
رمز نہ سمجهئون ڪائي الا ، سِر نہ سڃاتئون هِڪڙو.

حد حسابن ۾ هِن هٿڪيا ، ڦند فڪل ۾ ڀَيَرَّا ،
مورک مام نہ سمجهن ڪائي ، هيڏي ڀير نہ پاتئون هِڪڙو.

"محمدڻ" مردن سمجهي معنيٰ ، سِر تي ڪنيائون مهٽا طعنا،
عاشق سي اٽموٽ آهن ، تون مان سمجهئون هِڪڙو.

ڪافي 28

اُتي دين نا هي ايمان ، نڪو ڪفر جو بي ڏيان

جِن بشر انسان ، آهي هڪو هڪ يڪسان

نڪو ڏوهه يزيد ، نڪو بغض آهي شيطان

نڪا طلب اُتي ڪا تقويٰ ، نڪو امر جو فرمان

نڪو راهه طريقو رهبري ، نڪا گهُرج مسلمان

حجاب ڪتاب جي حد نڪا ، نڪو هَئي هَئي ڪو حيران

جوئي "محمدڻ" سوئي ، اَلاِنَما ڪَانَ.

ڪافي 29

نڪي دنيا ڪپي نڪي مال ڪپي، سرڪار فقير ڪي دل تي ڪپي.

توڙي زهدن ۾ پيو روز مَرين، چلن چاليهن ڪجهه ٻه ڪرين،
نڪو يار ايندئي، ڪجهه ڪين ٿيندئي- سرڪار فقير ڪي دل تي ڪپي.

نفس عقل جون ڳالهيون سوين، راتيون ڏينهان ڏوڙ ڏوين،
مغرور ٿيندين، مشهور ٿيندين- سردار فقير ڪي دل تي ڪپي.

هتي پيري اميريءَ جي ڪاڻ ناهي، نڪا شان شوڪت جي تاڻ آهي،
سوين شعر ناهين، توڙي ڪجهه پيي پائين- سرڪار فقير ڪي دل تي ڪپي.

توڙيِ مئخاني مخمور رهين، سدا ملڪ سڄي مشهور رهين،
سوين مَڪر نه ڪر، نڪو ذڪر پيي ڪر- سردار فقير ڪي دل تي ڪپي.

توڙي حال ڏاڍا ويس پائين، سدا شوق شغل ويراڳ ڳائين،
نا هي راه ڪائي، پرواه ڪائي- سرڪار فقير ڪي دل تي ڪپي.

نڪا نوڙت نياز جي ڪاڻ رهي، نڪا اتڪل جي ڪا ڳالھ رهي،
سوين سجدا ڪرين، توڙي در تي مرين ـ سردار فقير ڪي دل تي ڪپي.

آهي مهر محبوب جي يار جنهين، پا ٽئي سٽائي ٽيندين تنهين،
ڪائي دعويٰ نہ ڪر، سدا مهر پيو گهر ـ سرڪار فقير ڪي دل تي ڪپي.

دل سان جيئين تون يار ڇا ٽيندين، مؤجان حقيقي اوئين ما ٽيندين،
ڪر ڪين تون ڍنگ، ڪر نفس سان جنگ ـ سردار فقير ڪي دل تي ڪپي.

"محمدڻ" محب سان ما ٽا ڪهڙا، پئُ پيش پرين آهيون جهڙا تهڙا،
هت ڪاڻ نا هي، توڙي ڇا بہ آهين ـ سرڪار فقير ڪي دل تي ڪپي

ڪافي 30

جن لئي ٿي جاڳان ، اجهي شال ايندا ،
ڏکيا ڏينهن ڏاڍا ، سگهي ڇو نہ ويندا ،

ڏينهان راتيون ساري ،ڏکن ۾ گذاري،
هنجون نير هاري ، اصل نا ڇڏيندا .

ساري دل سدائي، ڪيو نہ جدائي،
وٺي ٻي نہ وائي ، سڪن سهج ٿيندا .

ڏين ٽا جي طعنا ، ماٺهو لک بهانا،
پاتم ڳل ۾ ڳانا ، واڏايون جي ڏيندا .

فراقن قران تو ، جوشن ۾ ڳران تو،
تني لئہ مران تو ، اجها جي اڏيندا .

"محمدﷺ" آه ماندو ، سوِرن ناه واندو،
بره جو آ باندو ، گوليءَ کي گڏيندا.

ڪافي 31

سِرُ ڏئين تان سِرُ ٿئين - توکي خاص ڏيان ٿو هِيءَ خبر ،
ٻيا سيئي حيلا ڇڏي - ڪر عشق جي تون جنگ نصر .

ڇا ٿيندءِ زُهدن منجهان - مقصد اٿئي ٻيا قبر حشر ،
منصور جي مستيءَ ٻِنا - ڪُوڙا ڪل ئي ٻيا سپ اثر .

سچ ٿو چوان سالڪ توکي - ميدان محبت ۾ تون مَرُ ،
پوءِ آهين اصلي حيات - مالڪ ڪُلي سارو مظهر .

هاڻي نہ سمجهئي راز کي - پاڙهي پونديءِ پوءِ قدر ،
ڇا ٿيندءِ هِن وَرهين وئي - جيڪي ڪرين سو اڄ ڪر .

هڪ هڪ سُخن موتيءَ جو مُلهہ - دل تي رکج سارو ذڪر ،
شاد ٿي پنهنجي شوق ۾ - شائق ڪرين تون پوءِ شڪر .

مُنهن مٿو ڇو ٿو پٽين - ڇڏ رنن وارا اِهي مڪر ،
موج مستيءَ کي مچائي - پيءُ ذوق مئون پيالو زهر .

سردار سِر "محمدؒ" چوي - رک فائق اِهو هردم فڪر ،
سيج چڙهہ سوريءَ مٿي - پوءِ سير ٿي سارو بصر.

ڪافي 32

تُنهنجُون تيز اکيون وڃن يارَ لُٽيون،
منهنجي دلڙي دردن ساڻ ڦٽيون.

تنهنجي محبت مونکي ويران ڪيو-انهيءَ هِجر وڇوڙي حيران ڪيو،
تنهنجي درد فراقن بيران ڪيو-ان تير تُفنگن ساڻ چُٽيون.

مان سُور اندر جو ڪنهن سان سليان-ان سوز هجر ۾ مان ٿو جلان،
کهڙي ريت اچي مان توسان مِلان-محبت ڪان نہ وڃ مُنهن تون مَٽيون.

"محمدڻ" سان مِل منهنجا ماهي-سِڪ سوز تنهنجو مونکي آهي سدائين،
ايڏي ڪر نہ تون هاڻي جُدائي-سورن سان نہ وڃ يار سَٽيون.

ڪافي 33

راتيان ڏينهان رَڙ تون،
هردم ڪر تون زاري زاري،

روئڻ بِنا توسان رام نہ ريجهي، سوز سُورن ۾ سَڙ تون.
هردم ڪر تون زاري زاري،

راضي ڪر تون ربّ پنهنجي کي، قُربِ اِنهيءَ ۾ ڪَڙهہ تون.
هردم ڪر تون زاري زاري،

رت جون نديون نارَ وهائج، تي سِر ڪان جدا ڌَڙ تون.
هردم ڪر تون زاري زاري،

رمزِ اِنهيءَ ۾ رل مل تي تون، جِيءَ ۾ جاني جَڙ تون.
هردم ڪر تون زاري زاري،

راز نِهاني گُونا گُوني ، چاڙهہ "محمدڻ" چڙهہ تون.
هردم ڪر تون زاري زاري،

ڪافي 34

توکي گُر تہ مليو ٿي گهر ۾،
ڇو پاڻ کي رولين برَ ۾.

هيڏي هوڏي ڇو تون ڏِسين ٿو،
آهي دلبر تنهنجي در ۾.

وَفِي اَنفُسکُم سمجھہ اشارو ،
پرين تنهنجي وسي ٿو پرَ ۾.

ظاهر باطن سمجھہ سڄا ٽِين،
آهي دلبر ديد نظر ۾.

آهي "مَحمدڻ" اصل اهوئي ،
سوجهي ڏِس تون سِر ۾.

ڪافي 35

محبت مينهن لائي رم جهم يار ،
گُل حُسن تي بلبل آهيون.

مند بهاري آئي گلزاري ،
گوندر گُم ٿيا گِم گِم يار.

جوش خروش جذبات خزان جي،
بِره بادل ڪئي ٽِم ٽِم يار.

مشتاق ٿين ڏسي حُوران پريون ،
آهي نظر نظارو جم جم يار.

حِرص هَوس ۾ هُيَڙا هِراسيا،
چَٽُن لائي چِم چِم يار.

مست "محمدؒ" موجِ انهيءَ ۾،
ڏسي گل چمن جي ڏُم ڏُم يار.

ڪافي 36

رِندان را روز شب دنيا - آهن غرق فنا في اللهؑ ،
سوا وحدت ترڪ ڪثرت - نا هِن حاجت سوا اللهؑ .

غوطا مارِن غئب غازي - ڪتن تا بِره جي بازي ،
ڏيئي سرڙا ٿيا راضي - رڪي ويسا ھ وجه اللهؑ .

ارادي عشق جنهن آندا - بهادر بي سِري باندا ،
وصالئون وار نا واندا - آهن گوشي ڪليم اللهؑ .

ٿيا سي عشق رِيءَ عاري - ستن تا ڪل ٻي ياري ،
هٽي وحدت سندي واري - آهن جذبي جلال اللهؑ .

ڪرن جند جان قرباني - غرق غير سيئي فاني ،
ٿيا سي سر سيو جاني - ڪري اثبات اِلا اللهؑ .

اولي عامن اهي گهارِن - نعرو "محمدؐ" نينهن مارِن ،
ذاتي جوهر سي ئي ٻارِن - ٿيا ثابت بقاباِ اللهؑ.

ڪافي 37

قول ڪَيل نہ وسارجي ، همت هٿئون نا هارجي .

پائي جهاتي پاڙ ۾ عاشق ، ٻاهر ڪين نهارجي .

وٺي تند تنوار جِي ، ٻاهه ٻرہ جي ٻارجي .

پيرِ مغان جي پرت ۾ ، جان جوشن ۾ ڳارجي .

دمِ سجاڻي پانهنجو الا ، خيال خوديءَ کي ڪارجي .

معنيٰ "محمدڻ" سمجھ سَڻائي، غيب ۾ غازي گذارجي.

ڪافي 38

رَهڻي رِندن جي ، عامَن ڪان اوپاري ،
نہ شيخي نہ پيري ، بزرگيءَ بيزاري .

مذهب نہ مِلت ، اٽڪيل نہ عِلت، ڇا عزت ڇا ذلت،
ٻنهي کي ٻُهاري.
ڪشف نا ڪرامت ، زُهد نا عبادت، رُڳو سِر ملامت،
باطن جي بهاري.
حُسن حال شامل ، قدم ساڻ ڪامل ، اثر اَڪِ جا عامِل،
ڪن فتح فوج ساري.
يتيمن سان ياري ، اميرن کئون عاري ، فقر جي سرداري،
نيزي ڪن نِرواري.
ڪڏهن هِن قلندر ، ڪڏهن هِن سڪندر ، نہ مسجد نہ مندر،
رکن ريت نياري.
مُحبن جا ميثاقي ، عوشاقي پوشاڪي ، يگانا سي ياقي،
خاصل خاص خماري.
سچائي صفائي ، سمجهن قُرب شاهي ، وصالي ويساهي،
ازل کئون اقراري.
”مَحمدڻ“ مئيخاني ، پيئين پُر پئماني ، نہ مانَي ڪو مانَي،
سوليءَ جي هسواري.

ڪافي 39

اسان بار بِرهه دا چاياسي، هِتي ڪم اِنهيءَ تي آياسي.

لوڪ جون خواريون مهڻا طعنا، هارَ ڳچيءَ ڳل پاياسي.

شان شرم دِي ڪاڻ نہ ڪائي، او ننگ ناموس وڃاياسي.

دين ايمان جو دام چڙهيوسي، گهُور حُسن ۾ گهاياسي.

حُسن پرستي عين عبادت، ڀيا دين ڌرم سڀ ٽارياسي.

راز بِرهه جي ڪَل ڀي کهڙي، اسان نينهن نشي ۾ خمارياسي.

"مَحمدڻ" تي هاديءَ جي حمايت، ڀيا ڏنڏا سڀ تہ وسارياسي.

ڪافي 40

ڪير لِڪائي، ڪير لِڪي ٿو، لِڪڻ وارو ٿَئي ظاهر،
ڪير ٻُڏائي، ڪير ٻُڏي ٿو، ٻُڏڻ وارو ٿئي ظاهر.

ڪير سُمهائي، ڪير سمهي ٿو، سمهڻ وارو ٿَئي ظاهر،
ڪير گهمائي، ڪير گهمي ٿو، گهمڻ وارو ٿئي ظاهر.

ڪير ڏيکاري، ڪير ڏِسي ٿو، ڏِسڻ وارو ٿئي ظاهر،
ڪير اُٿائي ، ڪير اُٿي ٿو ، اٿڻ وارو ٿئي ظاهر.

ڪير ويهاري، ڪير ويهي ٿو، ويهڻ وارو ٿئي ظاهر،
ڪير ڪِلائي ، ڪير ڪِلي ٿو ، ڪِلڻ وارو ٿئي ظاهر.

ڪير روئاري، ڪير روئي ٿو، روئڻ وارو ٿئي ظاهر،
ڪير ٻولي ٿو، ڪنهنکي ٿو ٻولي، ٻولڻ وارو ٿئي ظاهر.

ڪير ٿو گُهتجي، ڪير گُهتي ٿو، گهتڻ وارو ٿئي ظاهر،
”مَحمدڻ“ ماري، ڪير مري ٿو، مرڻ وارو ٿئي ظاهر.

ڪافي 41

دردُ دل جي آ دوا ، ديدار آهي درد ۾ ،
حُسن عشق جو آئينو ، اسرار آهي درد ۾.

فُرقت قُتيل جي عاشقَ ، ڪاٿي نہ ڪو قرار آ ،
هِڪڙي نظر محبوب سان ، اظهار آهي درد ۾.

جذبات جوش عشق ۾، وهم وجي ٿو سارو ،
دارُون اهو دُئي جو، دلدار آهي درد ۾.

ايئن حضور نا هي، جيسين فنا نہ ٿيندو ،
حق اليقيني حال سان، اعتبار آهي درد ۾.

سيِني ڪي طُور بڻائي، تجلات سان تپائي ،
ارنِي ارنِي پُڪارڻ، اقرار آهي درد ۾.

محبت "محمدڻ" مقصود آ، توڙي ملي يا نہ ملي ،
يادگيري يار جي، انتظار آهي درد ۾.

ڪافي 42

فضل ڪندين تہ فقير ، حال منهنجو معلوم توکي.

لکين لهريون درياهہ جون الا، تون پار ٽپائيندين سِير،
حال منهنجو معلوم توکي.

عيب مون ۾ لکين هزارين، تون پاند پناهہ ڏي پير،
حال منهنجو معلوم توکي.

دائم ٽيا هِن درد وندڙيءَ جي، چاڪ اندر ۾ چير،
حال منهنجو معلوم توکي.

جيئڻ جدائي جنجال ٿو پانيان، اچ داناهہ دستگير،
حال منهنجو معلوم توکي.

"مَحمدڻ" سان تون مِهر ڪندين الا، ڪر پنهنجي مُغان بغلگير،
حال منهنجو معلوم توکي.

ڪافي 43

هِت امر ڪيو ارشاد اديون،
نَت اصلي هُيَس آزاد اديون.

ڪَل نہ هُئي ڪا هُتڙي مونکي،
هِت عشق ٿيم استاد اديون.

اڳي نہ ڄاتم ڀاڻ ڪي ڇا هيان،
هاڻي عشق ڏنم اعتقاد اديون.

هِت ٻانهپ واري ٻول ٻم آيس،
آهي شان اعليٰ امداد اديون.

اصل بقاءُ ملڪ آ منهنجو،
هِت برھ ڪيو برباد اديون.

صحي سُڃاتم ڀاڻ "مَحمدڻ"
هرجاءِ آهيان آباد اديون.

ڪافي 44

نا هي مقصد ٻيو، ڪنهن منتا ۾،
هڪ يار نهي، ٻيو نهي نہ نهي.

نڪا طلب آهي مِلڪ مال سَندي، نڪا گُهرج آهِي گهر ٻارِ سَندِي،
نڪا حاجت ڪنهن قِيل و قال سَندي، سُڌ سڄڻ لهي ٻيو لهي نہ لهي.

آئي لوڪ ملامت سِرَ تي ساري، جيئن منصور مٿئون آئي وِرهه واري،
نا هي مقصد ٻيو ٻِنا يارَ ياري، سدا سهٽل سهي ٻيو سهي نہ سهي.

ساري خلق چوي جنهنکي جيئن تہ وٽي، هڪ دلبر مونسان ڳالهہ ڳٽي،
ٻيو لوڪ سارو پيو جاڏي تٽي، هڪ يار رهي ٻيو رهي نہ رهي.

واهه واهه وِرهه وارن کي وصال اِهو، دم دوست جدا نہ خيال ٿيو،
نظر نور سيوئي جمال ٿيو، سارو حق ٿو چوي غير چوي نہ چوي.

واهه "مَحمدڻ" هڻ تون نينهن جو نعرو، ڪي رِند پَروڙِن راز سارو،
جڏي لوڪ لارو هٽئون ورهه وارو، گڏ يار ويهي ٻيو ويهي نہ ويهي.

ڪافي 45

نا هي ويلَ سمهڻ جي،
اُٿي ڪر تون يار ڪتڻ جي.

سڪ سچي سان ڪَت تون،
ڏاڍي ڪر تون ڪنبڻ جي.

سورن واري ٻاھڙي الا،
نا هي ڪنهن جي سلڻ جي.

هي دنيا اٿئي ادائي گهڙيون،
همٿ ڪر تون هلڻ جي.

پنڌ ڪر تون پرت سان،
ڪر راتيون ڏينهَان روئڻ جي.

”محمدڻ“ مست ٿيءُ مُدامي،
سدا ڪر تون سڄڻ جي.

ڪافي 46

صورت جي سبب سانگ سھڻل فدا ٿيو ،
ڇڏي شوق شاھي شھنشاھ گدا ٿيو.

احدئون ھو اڪيلو، سھڻل ھِت سنگيلو،
محبوبن سان ميلو ، مُدامي مدعا ٿيو.

پائي ويس رنگي ،سوين ڍنگ ڍنگي ،
ڪري ناز جنگي ، عوشاقن ادا ٿيو.

مشتاقن منائڻ ، سوليءِ سر سلھائڻ ،
جوانن کي جلائڻ ، جوشيلن جدا ٿيو.

ويندو پنھنجي ماڳن ، اصل سات ساڳن،
ھِتي ريجھہ راڳن ، رحمت لئہ رِدا ٿيو.

پائي ميم چولو ، آدم عشق رولو ،
الف ڪيو آ اولو ، ھوا ھُل وِداع ٿيو.

ملائڪن منجھائي ، شرڪ شڪ رڪائي،
ڪنھن کي ڪيئن چوائي ، ڪنھن لئہ خدا ٿيو.

”محمدڻ“ سِر سلطاني ، ڪيو سونھن سئيلاني،
ھِتي ھُت آجاني ، خاطر نينھن نِدا ٿيو.

ڪافي 47

پنهنجو پيو ٿس راز يار، آدم ۾ اظهار جي ٿيَڙو.

ڳجهي ڳالهہ رکيائين پنهنجي، سيني سمايائين ساز يار،
الست وارو اقرار جي ڪيَڙو.

ملائڪن کئون جو سجدو ڪرايائين، رکيئين رموزي رواز يار،
احديت جو اسرار جي هُيَڙو.

سر آدم جو پاڻ جو نا هيئين، آهي پاڻ بازيگر باز يار،
قيد قفس ۾ قرار جي ٿيَڙو.

دل جي حد ڪنهن نا لَڌڙي، اهو کهڙو آهي دم ساز يار،
موج اِنهيءَ ۾ مختيار جي ٿيَڙو.

ميم جو بُرقعو پائي "محمدﷺ"، ٻڌجي آيو مجاز يار،
سِر اِنهيءَ ۾ سردار جي ٿيَڙو.

ڪافي 48

ڪُنت ڪَنزًا مخفيًا گنج گلزاري گلشن ،
ميم جي مُڪڙي تِڙي ٿيو جلوو نور روشن ،

آدمِ حوا جو اولو بشري پيد بِهَن ،
انا ارَضنا امانت رِيءَ آدمِ نا شهن ،

ياسين طاحا جا سِهرا سِر تي لالڳ لهَن ،
مزمل مدني مُرقعو صفت صلواتان سُهن.

ڪامل پير قائمِ عرف عُبيدي احسن ،
حج حضوري هِردي ڪعبو طوافي تن.

وَليلَ وَضُحيٰ وصفان شان محِبوبان شُد مَن ،
پنهنجي ظهوري عشق ظاهر ڪيَئِنِ هِي حُسن.

وَلقَد ڪَرَمنا بَنِي آدَم صفت محبوبان مُحسن ،
خاطر "محمدڳ" محبت ڪيل ٿيو هِي اُن بُن .

ڪافي 49

پهرين سانگو سِر جو لاهِ،
پِلي پوءِ عشق کي هٿڙو لاءِ.

عشق جيئن منصور ڏي آيو، سفر سوليءَ جو ڪَيَڙو سعيو،
تون پير اوئين هِت پاءِ.

عشق پهرين معشوق کي ٿيندو، عاشق پاڻهي سِر پوءِ ڏيندو،
پيچي اوٽ ادب جي آءُ.

عشق عنايت افضل اعليٰ، ايندا بهادر بيسِر بالا،
هڪ خام خودي کي ڪاءُ.

عشق الاهي ڪم آ شاهي، مرد ايندا مهمير ڪي ماهي،
جهڙي تهڙي جي ناهي جاءِ.

عشق امام حُسينؑ جو آهي، سيڪو طالب ان جو آهي،
ويل وڃيئي ٿي واءُ.

عشق "محمدﷺ" تخت ڪمِالي، ورھ وحدت ۾ وئي وصالي،
اهو ڪانَ جو اٿئي داءُ.

ڪافي 50

نا هيان مان يار نا هيان مان ،
آهيان اُهوئي آهيان مان .

هِن ۽ هُن جو فرق نہ ڪوئي ،
هاڻي سينو ڪنهن سان سا هيان مان.

جوئي چَوندڙ سوئي ٻُڌندڙ ،
وچئون حجاب ڪي لاهيان مان.

اول ، آخر ، ظاهر ، باطن ،
ڪفر اسلام ڏي ڪا هيان مان.

عاشق ، عشق ، معشوق اِهوئي ،
اولو عبدي جو ڏا هيان مان.

صورت مورت حُسن حقيقي ،
سڀ صورت ڪي ٿا هيان مان.

سِر "مَحمدﷺ" سردار جي آهيان ،
هاڻي ڪيئن چوان تہ نا هيان مان.

ڪافي 51

ڪنهن کي ڇوان تون ڪير آن، جڏهن پاڻ تي اعتبار ٿيو،
هرجاءِ ڏسان ٿو پاڻ کي، سِر جڏهن سَردار ٿيو.

هِي ويو تڏهن هُو ٿيو، پوءِ اصلي نقش اظهار ٿيو،
هاڻي ناهي ڪوئي فرق، هِي ۽ هُو هڪ يار ٿيو.

پنهنجي ڏسڻ جو هاڻي پتو، جڏهن عشق هِي اقرار ٿيو،
سر ڏيوڻ سولي چڙهڻ، منصور جيان مهندار ٿيو.

هرجاءِ آهيان هڪڙو سائين، ڪڪ پڻ سارو اسرار ٿيو،
ابتدا ناهي انتها ، صورت آئينو دلدار ٿيو.

مُحمّدي معنيٰ رکي، نالو "محمّدڻ" نروار ٿيو،
آيس هتي انسان ٿي، معنيٰ منجهان مختيار ٿيو.

ڪافي 52

سچي ڳالھ ڪي ڪيئن لڪايان ،
ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان .

پنهنجي ڏسڻ لئي پاڻ جي آيم ، ليڪو عشق جو پاڻ ڪي لايم،
هاڻي سينو ڪنهن سان سا هيان، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

جاڏي تاڏي پنهنجو نظارو ، هندو مومن مظهر سارو ،
کهڙا ڪتاب حساب ٿا هيان ، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

محبت جو ميدان ملهائي ، هوڪو هرجاءِ پنهنجو هُلائي ،
هاڻي سوريءَ سرڙو سلهايان، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

اهو عشق اچي امداد ڪيو ، سڀ عددن کي آ واحد ڪيو،
پنهنجو غير نہ ڪاٿي پانيان، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

يزيد فرعون ۾ پاڻ جي هُيڙم، حال حسيني ۾ سر جي ويڙم،
ايئن عام خلق ٻُلايان ، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

اهو عام جو پردو پاڻ رکايم ، اها بره بهاري رمز سکايم،
هِت انصاف جو قطرو ڪمايان، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

نالو "محمدڻ" نروار جي تِيَڙو ، پتو پاڻ کي پورو پِيَڙو ،
هاڻي ڪيئن چوان تہ نا هيان، ڪڪ پن ۾ پاڻ جي آهيان.

ڪافي 53

قلب ۾ ويهي قرب ڪمايم ، آهي عرش اِهو آستان.

قطري منجهہ سارو قُلزم سمايم ، ڪري ڪين ٻنو لامڪان.

حد شرع ڪئون فارغ ٿي ڪري ، پوءِ سِر تہ سڏايان سبحان.

ڪنهن رمز اشاري ريجهي پِيَرُم ، ساڳيو سِر تہ آهيان سلطان.

دارا اهو هان سڪندر اُهوئي ، اُهوئي آهيان سليمان.

دائم درگاهي قرب قلندر ، آهيان مستيءَ ۾ مستان.

سير صورت جو سِر مان ڪرڻو ، تڏهن آيس ٿي سيلان.

موج "محمدؒ" ميدان ملهايان ، هٽي محبت جو مئيخان.

ڪافي 54

متان ٿيئين گمراهہ، ڪر وجه الله ويساهہ.

اَلَستُ بِرَبِّڪم آواز اِهوئي، سوئي قالُو بَليٰ ارواح.

قَلبُ المؤمِنُ عَرش موليٰ، سڻ سمجهہ اها تہ صلاح.

اَلانسانُ سِرِي وَانا سِرَهٗ، آهين بحر بقاء درياهہ.

رهبر ٿي ڪري راهہ سمجهايئہ، آهين ڪشتي پاڻ ملاح.

عبد "محمدڻ" عشق ڪرايئہ، هَڻ هوڪو اَنا الله.

ڪافي 55

ايندا مرد ڪي ڪي ، محبوبي مَڏيءَ تي ،
بي سِر سي بهادر ، عوشاقي اڏيءَ تي .

سڪئون سندرو سا هي، ڪوپا ايندا ڪا هي ،
سانگا سر جا لاهي ، سوليءَ جي سڏيءَ تي .

ماڻِن موج مستي ، ڪَرن حق جي هستي ،
ڪري دل دستي ، حلَاجي هڏيءَ تي .

ٻڌئون لال ڳانا ، سمجهي سر جي معنيٰ ،
ڪري جان جانان ، وصالي وڏيءَ تي .

نظر جي نظاري ، ڏنئون سِرَ سينگاري ،
ويا واڳان واري ، قديري ڪڏيءَ تي .

"محمدّڻ" مستانا ، عرشين ڪِيئون آستانا ،
مچايئون مئخانا ، تحصيلي تڏيءَ تي .

ڪافي 56

روز ازل کان آهي منهنجي ، دل آ توسان اَڙي اَڙِي .

ننڊ ڦِٽي آرام هَليو ويو ، گهاريان ڏک ۾ گهَڙِي گهَڙِي.

وِره اوهان جي وَنگي چڏيو آ ، قُرب ۾ دل آ ڪَڙِي ڪَڙِي.

پُڇڻ مريض کان جائز آهي ، لاڙو ڪري اچ لَڙِي لَڙِي.

”محمدڻ“ پالي پيار جي خاطر، سَهندي دل ڪيئن تَڙِي تَڙِي.

ڪافي 57

آءُ مُوهَن مُوهَن مُرليءَ وارا ، تولئي تَنُ پيو تنواري ، آءُ نديءَ ڪناري .

دِل دِل دِل دل دلڙي ڪسي وئين، جادو مثل ٻهاني، جادو مثل ٻهاني،
واھ ناهي ٻي ڪاڏي وڃڻ جي، وئين رمزن ساڻ ڏتاري، آءُ نديءَ ڪناري.
آءُ نديءَ ڪناري

جَل جَل جَل جَل جوش منجهارئون-اکڙين آب وهايا، اکڙين آب وهايا،
ساھ اوهان جي سوز ۾ سهڻا، رت جا ڳچ ٿو ڳاري، آءُ نديءَ ڪناري.
آءُ نديءَ ڪناري

مِل مِل مِل مِل مفت مران ٿو، جيئري جانب جائي، جيئري جانب جائي،
ميهر ميهر من ٿو پڪاري، ڪري آهون آڏيءَ اٿاري، آءُ نديءَ ڪناري.
آءُ نديءَ ڪناري

سَڏَ سَڏَ سَڏَ سُڻُ سهڻيءَ جا، صاحب ڪر ستاري، ميهر ڪر ستاري،
دهشتناڪ درياھ جا دڙڪا، وچ تار منجهارئون تاري، آءُ نديءَ ڪناري.
آءُ نديءَ ڪناري

پَلَ پَلَ پَلَ پَلَ ۾ پيار ڏيندو هُئين، آءُ "محمدڻ" جا من موهن آءُ،
"محمدڻ" جا من موهن،جو دم گذري تنهنجي غم ۾، پلپل پيار پڪاري،
آءُ نديءَ ڪناري

ڪافي 58

منهنجُون روئندي گذرن راتيون يار،
شل توسان هجن ملاقاتيون يار.

تولئي وينو واٽون نهاريان، ڪانگ اڏاريان پل پل پڪاريان،
آيون برِهه سَنديون برساتيون يار.

روز ازل جو توسان هُيَڙو، قول پرين تو پاڻ جو ڪَيَڙو،
هِت طلب اُنهيءَ جون تاتيون يار.

آءُ پرين تون مون ڏي هيڪر، تنهنجي ڏسڻ لئي ديدان در در،
وسري ويون پِيُون واٽيون يار.

سِڪڙي اوهانجي سيني سدائين، سَهان ساعِت ڪينَ جدائي،
لِڳيون قرب تنهنجي جون ڪاتيون يار.

کهڙو "محمدڻ" حجابِ ڪرين ٿو، سڪ وارن سان حساب ڪرين ٿو،
لُونءَ لُونءَ ۾ تنهنجُون لاتيون يار.

ڪافي 59

اسان مرد آهيون مستانا ، دل ۾ رهون ٿا ديوانا .

ڪاڻ نہ ڪنهنجي ڪينَ ڪدون ٿا ، محب ڇيو مئين جانا .

خلق ساري ۾ خماري آهيون ، نينهن بنياسي نادانا .

عشق جو جهوٽو سر تي جُهليو ، سدا شڪر ڪيون شڪرانا .

پاڻ وڃائي پاڻ ٿياسي ، پُر پيئون ٿا پئمانا .

رهٽي ڪهٽي روَش رِندي آ ، شير آهيون شاه مردانا .

هادي پير مڪمل ڪامل ، حاضر در دل آستانا .

مَئي مٿيءَ تي "مَحمدڻ" سائين ، چوند وسايون مئيخانا .

ڪافي 60

جوڳي نال نينهڙا ، ازلئون جي لايم ،
پيو ڪوڙ جڳ ۾ رانجهي شان پانيم .

سيگيان سهيليان ڏيندي ويڻ طعني، سدا ڪاڻ رانجهي پاتم ڳل ۾ ڳاني ،
ڪهڙي خبر هي لوڪ نا داني، عشق اويڙي اصلئون جي آيم.

بَنِهه هار ڪجلي عيش سينگاري، وڇڙي هجر دي دمڙا پئي گهاري،
سڙي سوز ۾ پئِي جندڙي تي ڳاري، ڪيتي ڏکن جي مَئِين جو وو ڇايم .

دلڙي لُٽي جنهن سو ڪر ڳئي جدائي ، جندڙي سُولان وِچ ميڏي جو آئي،
ڏادي لنوڙي رانجهي مئين نال لائي، لوڪ خواريان سِرَ تي جو چايم.

ميڪُون حال مَحرم ڪوئي نا جو ملدي ،سيگيان سهيليان هَس هَس جو ڪِلدي،
لڳان نينهن جنهن ڪُون جوشن ۾ سو جلدي، سارا بِرها اپني سِرَ تي نيايم.

ڇڏ ڳيا جو ڪلهڙي جدا ڪيوين جالي، دلدار دلين دي ڪر ڳئي بي حالي،
بيوس "محمدڻ" جندڙي پيو ڳالي، ملدا سوئي محرم سارو ورِه وسايم.

ضميمو

درگاهہ حُسين ٻيلي گھوٽڪي جي يوٽيوب چينل

"Dargah Hussain Belli Ghotki"

کي سبسڪرائيب ڪري اوهان هادي شهنشاه حضرت صوفي محمد فقير گھوٽو ۽ شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گھوٽو ۽ ٻين عوشاقن جا نوان ۽ ناياب صوفياڻا ڪلام ٻڌي ۽ ڊائونلوڊ ڪري سگھوٿا جڏهن ته سرڪار جن جي پيغام کي پڙهڻ لاءِ فيسبڪ پيج "گھوٽڪيءَ جو گھوٽ" کي فالو ۽ لائيڪ ڪندا .

حق موجود